سندري
سيتا
۽ صليب

پرديسي



سندري سپنا ۽ صليب

(شاعري)

ڀون سنڌي

مالڪي جا اختيار هٿيڪا

ڪتاب: سنڌري سپنا ۽ صليب.
شاعر: پون سنڌي.
بابت شاعري.
ڇاپو: پهريون .
سال: فيبروري ١٩٨٦ع
ڳاڻيٽو: هڪ هزار
ٽائيٽل ڪور ڊزائين: فتاح هاليپوٽو
ڪئليگرافي:
ڇپائيندڙ: جوين پبليڪيشن حيدرآباد .
ڇپيندڙ: الائيڊ پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ فون ٢٣٤٢٣
ملهه: پندرهن روپيه .

ارپنا

ماڻهو مٺي ۽ مٺا،
اسان ارپيو جيون،
جانــي اوهان لٺ۔

پون سنڌي

آزاد نظم

ٹیڑو

ٹرائیل

چٹونک

قطعا

بیت

وایون

غزل

گیت

نظم

سپنن جي ساپيا لاءِ

هونئن هي سماج،
ڪٿي ٿو،
پيار ڏي ڪرڻ.
ٻن دلين کي،
پاڻ ۾ —
ڪٿي ٿو،
ڏي ملڻ.

تڏهين ته مان،
ڪڏهين ڪڏهين،
سوچيندو آهيان،
ڪاش!

مان ٻه جيڪر —
ياڻيڙا پاڻيندڙ،
ٻار هجان.

۽ ياڻيڙا پاڻيندي پاڻيندي،
تنهنجي جسم کي
ٻوان ڇهڻي!

⊛

فاصلا

تون ۽ مان،
ائين جيئن —
ٻور وڇوڙيون ليڪون،
گڏ هلون پيا،
ڪڏهن نه ملنداسين.

⊛

زندگي جي يڪسانيت تي

تون پڇيو: زندگي؟
مون چيو: گذري پيئي،
بي بحر وزن،
بنان قافيئي رديف.

⊛

جيون جو راز

هي جي ماڻهو،
روز مرڻ تائين،
هڪ ٻئي جي پويان.
ڪنهن به سوچيو ناهي،
جيڪر سوچين!
ڪونه مرين.

⊛

آد جڳاد جو شاعر

پڇين ٿو:
مان ڪڏهن کان شاعر؟
شايد توکي،
جنم ڏينهن منهنجي جي،
ناهي خبر!

⊛

رات جي ڪک ۾

ڪاري رات آماس،
موت جيان گهري سانت،
چڙ گهمي ويو آ راڪاس!
پوء به سندس ڪک ۾،
پيو پلجي ——

ڪوئي نئون اتهاس.

⊛

وساري نه سگهندين

اهي سالي ڪانڊ سان،
گڏ گهاريندي —
ايندي هوندي منهنجي ياد!
تڏهن پتو رتپٽو تنهنجو،
پوندو هوندو تني.

⊛

اڻ مٽ چٽ

ڪا ڪا روپ - ورتي،
لهيو وڃي من ۾.
ايئن جيئن —
ڪوري ڪاڳر،
تي ڪو چٽ!

⊛

رنڊي

چڪلي مان،
اُٿڻ وقت —
ڏهين جو نوٽ وڏائي
چيم:
هان وٺ رنڊي،
تنهنجي پورهيي جو ملهه.
چيائين:
رنڊي نه چئو،
مان تنهنجي مظلوم ڀيڻ،
تنھ وهائي ڪيڏيمانس،
بي غيرت، بي حيا!
منهنجي ڀيڻ؟

پر !
جلد ئي محسوس ٿيم
ته ـــ
منهنجي ئي وهايل ٿڦ،
منهنجي ئي ڳل تي،
ويئي ڏڀا ڇڏي.
چئڻ ائين لڳم:
رنڊي .... منهنجي ڀيڻ آ !
منهنجي ڀيڻ .... رنڊي آ!!

⊛

پت جهڙ - جي موت تي

ڏيهه ڏيهه ٻرن ڏياٽيون،
ويري تنهنجو انت،
ويجهو آهي،
آئي چاڻ بسنت.

⊛

ڪوتا جو جنم

سڏ وچائي سندر ناري،
جوبن آرس موڙي،
ڪوي ويٺو-
امر ڪوتا جوڙي.

⊛

سوال

تنهنجي ڇهري جون ريکائون،
ايئن جيئن منهنجون ڪيئي ڪوتائون-
جڳ لئه بنيل
سوال صدين کان.

⊛

آرسي

دل تڙپي ٿي،
آءٌ تنهنجي اک ڏسي.
ڇو جو مون،
تنهنجن لڙڪن ۾ ــــ
پنهنجو روپ،
ڏٺو جو آهي.

⊛

اوسيئڙو

تڙ تي هڪ اڪيلي نار!
ڇير پيرن ۾،
ڇيل تي گهاگهر،
مرڪ ائين ڇڻ،
گل ٿي هاري ــــ
سوڀيا ۾ پٺي،
چنڊ کي ماري.
گهوناٽي ماحول ۾ پليل،
ساون ڪيترن جيان ساماڻيل.
شايد ڪنهن لئہ نيڻ وڇائي؟
ويٺي ڪنهن لئہ پور پچائي؟
شام لڙي،
اندهارو ڦهليو،
تارا ڳڻي پئي من پريائي،
تڙ تي هڪ اڪيلي نار!

⊛

ڪاڪ محل

رات هوءِ،
سورنهن سينگار ڪري،

چيٽ جي چمڪي سان،
سنهڙي چيل لوڏيندي،
منهنجي اڳڻ آئي.
۽ مون کي ڳراٽڙي پائي،
منهنجي گود ۾ ويهي،
پنهنجي نرم نازڪ،
هٿن سان،
منهنجي هٿن مان،
قلم ۽ ڪاڳر کسي،
آڳ ۾ اڇليو.
۽ مسڪرائي —
پنهنجي چپن کي،
منهنجي چپن جي،
ويجهو آندو.
رابيل جڏهن،
پنهنجا چپ،
ماڪ جي ڦهرين ڦڙي لاءِ،
کولي چڏيا،
۽ پريات جڏهن،
رات جي مٿان،
ڪاري چادر هٽائي،
تہ سنسار ۾ سونهن،
ويئي اوتجي.
۽ منهنجا سنڌ سنڌ،
سائا هئا،
۽ رڳ رڳ ۾ —
هو روڳ پريل.
مون رڳ ۾ جليل،

پنهنجا گيت ڏنا،
او وحشي ڪامڻي،
شل تنهنجو روپ،
الوپ ٿئي،
ذات جي ڏيهه ۾،
پاپ ڪي پوکڻ واري،
او سندري!
شل تنهنجي گود آجڙي!

⊛

بي وسي

تنهنجي چاهنا،
۽ پيار —
منهنجي لاءِ ڇڻ —
اليڪشن جو خرچ.
ڪتنڻ چاهيان ٿو،
پر،
مون ۾
ايڏي ناهي پهچ —

⊛

پٿر جو خدا

سنگ مرمر جيان،
تنهنجو لسو بدن،
۽ شفاف چهرو،
مون کي تو ڏانهن،
ٿو ڇڪي،
دل ٿي چوي ته —
او سندري!

توڻي پنهنجين،
آس ۽ اميدن جو،
پايان اڪو —
پر!
سوچ جي پاتال ۾،
جڏهن هٿان ٿو ٿڪي،
تہ پڇو ٿو ٿڪي،
ڇو جو هيلتائين —
پتر جي خدا،
ڪنهن کي بہ ڪجهہ،
ڏنو ٿي ناهي —

⊛

بنجمن مولائيز جي نانءُ

زنجيرن کي زنگ لڳائي،
زندانن کي ڏيئي زبان،
مري جي ويس آءُ،
تہ ڇا ٿي پيو —
ويرين کي وجهي ونگ،
اوندهہ کي اجالو بخشي لئہ —
موت جي گود ۾،
ستس جي آءُ —
تہ ڇا ٿي پيو،
تنهنجي اجهاڻل اکين کي،
جلا بخشي لئہ —
ازلي ارمانن ۾،
ابدي خوشيون،
اوتي لئہ —
تنهنجي لڙڪن کي ڇهہ

جهول تنهنجي ۾،
مرڪون پرڻ لءِ —
وحشي جلادن جي مقتل ۾،
سر جي منهنجو ڪٽيو،
تہ ڇا ٿي پيو —
ڪاري ڪارونڀار ۾،
توکي ڪڪوريل ۽ ڪجليون،
اکيون ڏيڻ لءِ —
وحشي هٿيارن،
جي ڦٽيو مون کي،
تہ ڇا ٿي پيو —
سينڌ تنهنجي ۾،
سيندور پرڻ لءِ،
مظلومن ۽ محڪومن کي،
ارڏا ۽ اريلا،
گيت ڏيڻ لءِ —
خون جي منهنجو وهيو،
تہ ڇا ٿي پيو —
صدين کان سڪل،
روڙ ۽ بدبخت ڌرتي،
پاڳ پنهنجو پائيندي،
سچ جي راهہ ۾،
وهايو مون جو رت،
رنگ لائيندو هڪ ڏينهن.
آن ڏينهن —
بهارون هن ڌرتي تي،
ويندون وڇائجي.
گلن جي خوشبو،

هر روح ۾،
ويندي اوتجي.
هوائن جي ڇپن تي،
منهنجا گيت هوندا،
منهنجو روح،
روپ تنهنجي ۾،
ٿي الوپ
توکي بخشيندو جلا.

تنهنجي ڇپر جي ڇمڪي ۾،
منهنجي دل جو ڌڙڪو،
ٿي شامل،
سارو جڳ جهومائيندو،
۽ —
جيون جون،
اڻ ميون خوشيون،
جن جون حسرتون،
ڪٿي مان آسهيس،
تنهنجي روپ ۾ سمائجي —
مان مائيندس.
۽ اُن ڏينهن —
جهرڻن جهڙي زندگي،
موت جي منهن تي،
هميشه لئه،
ٺٺي جي ڪاراڻ،
ڦيري ڇڏيندي.
۽ اُن ڏينهن،
اڏيون باسندو تہ،

هي وحشي جلادن جا قتل گاه،—
ويرين جا ونگ،
هي زنجيرون ۽ زندان،
۽ موت جا رهزن حملا،
چڱ سپنا هئا،
اک ڇنڀ جا—
يا ديو پرين جا،
هئا افسانا،
جيون نہ آ،
وهندڙ ڌارا،
جيون نہ آ،
چوري جي چال،
۽ ڇير جو ڇمڪو،
ناهي اک ڇنڀ جو سپنو
۽ نہ ئي،
ديو پرين جو افسانو،
جيون جي جوت،
سدا آ جلندڙ،
سنسار ۽ انجي سونهن جو مڌ،
اڻ کٽ امرتا آ،
اُن جو اڇو،
ناهي انت.

⊛

جهالت جا رشتا

چنڊ ۽ چڪور جو پيار،
تو سوچيو ئي ناهي—
جيڪر سوچين،
ڪڏهن بہ اهڙو،

پيار نہ ڪرين ـــ

⊛

تنهنجي لاءِ

جڏهن بہ،
ڏهڪا يا ڏڪار،
ڏوڙي ۽ ڏيهہ،
ڌميا منهنجا نيڻ،
وسي پيو وڏ ڦڙو.

⊛

نئين ڳالهہ ناهي

تو پڇيو هو:
گڏ رهي سگهون ٿيون،
چانڊوڪي ۽ رات اُماس؟
ڪوبہ ناتو ناهي ـ
مون چيو هو:
سنڌ ۾ اها ڪا،
نئين ڳالهہ ناهي،
تو ڪاڏو هو عجب،
مون چيو هو جڏهن،
شايد ٻڌو ڪونہ اٿئي،
جهور پوڙهي ۽
سامايل نينگري جو قصو!

⊛

پيار ۽ جنگ

(فلسطين جي حوالي سان)

جنگ جي محاذ تي،
امن ۽ آزادي،
ڪاڻ وڙهندي ـــ

رکي رکي،
تنهنجي ياد،
ايندي آ تہ ـــ
سرحدون،
ٽٽنديون محسوس،
آهن ٿينديون،
۽ آءٌ ـــ
ماضي جي يادن ۾،
ويندو آهيان لهي ـــ
تنهنجو منهنجو پيار ـ
اُهي يادون!
نم جي ڇانوَ ۾،
اُهي گيت!
جي پاڻ جهونگاريندا هئاسين.
پر جڏهن ڏٺم تہ ـــ
تنهنجي منهنجي پيار،
جي وچ ۾ ـــ
آهن سرحدون ـ
جي ٽوڙڻ کان سواءِ،
ملي نہ سگهنداسين پاڻ،
چوطرف آ ـ
ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ.
ظلم ۽ بربريت ـ
تڏهن سوچيم تہ،
اسان جي مٿان ـ
جنگ مڙهي وئي آ ـ
۽ مان ـــ
جنگ جي محاذ تي،

روانو ٿي ويس —
اڄ ٻه رکي رکي،
ايندي آهي،
ياد تنهنجي،
ته —
سرحدون ٽٽندي —
محسوس ڪندو آهيان.
مون کي ڇڻ،
نئين قوت،
آ ويندي ملي،
۽ منهنجي آڱر،
بندوق جي ٽريگر تي،
تيز ڪپي ويندي آ—
ويري تي
اڳي کان ٻه وڌيڪ تيز،
گولين جي وسڪار،
ڪري ڏيندو آهيان

✪

احتجاج

............؟

!.............. ....

.......................؟؟

✪

تنهنجو چمتڪار

تون جو،
مون ساڻ ناهين،
ته ائين ٿو لڳيم،
سنسار جي رچنا،

ويئي آهي رڪجي،
زندگي جي راهه ۾_
ڇڻ اوچا پربت،
ٿي ويا آهن آيا،
منهنجي جيون ۾،
تنهنجي وڇوڙي،
ميٽائل سائمائد،
ڇڙڪي آ ڇڏيو،
۽ پيونءُ سڄي،
ڀوپال ٻنجي ويئي آ ـــ.
۽ زندگي جا روشن ڏينها،
آخري پيرو ڦٽڪي،
موت جي وحشي ڪاراڻ ۾،
گُم ٿي ويا آهن ـ
لڳيم ٿو ڇڻ ـ
سارو سنسار آ،
ڇڻ ايٿوپيا!
هڏاون پڃرا،
لاشا ئي لاشا!
پر جڏهن پيي،
رمندا ٻادل،
گجگوڙ ڪري،
ماحول جي مانٺ کي،
ٽوڙين ٿا.
ڪنوڻ تجلا ڪري،
وحشت ڪاري رات جي،
سيني ۾ ٿي،
خنجر ٿنبي.

تہ ــــ
تنهنجو تصور ؛
سوين سرحدون اورانگهي،
منهنجي اندر ۾ ــ
آڏما ٿو ماري،
۽ تنهنجو وجود ــــ
منهنجي ساهہ جي،
هر سواس سان،
گڏ ٿئي ٿو محسوس.
منهنجا سڪل ۽ پيلا چپ،
ماڪ جي ڦهرين ڦڙي سان،
پچي ٿا پون ــ
۽ اڻين ٿو ٻاسي تہ ــــ
سنسار جي رچنا،
رڪٿي ناهي،
جيون جو وهڪرو،
رهڻو آ جاري سدا.

(★)

ساوتري

شرنائن جي گونج ۾،
جڳ مڳ جوتين ۾،
اگن ديوتا کي،
رکي ساکي،
ونئي جي ويس ۾،
سورهين ورهين جي سندري،
اسي سالن جي،
لکپتي سيٺ سان،
جنم جنم نينهن نڀائڻ،

جو ڪري وچن،
ماڌهو ڏرم جي،
جڻ جڻ ڪار چون!
اڌرم تي،
ڦتڪار وجهن!
پر؟
ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ،
خوب چول آئيا،
ڳلي ڳلي، ڳوٺ ڳوٺ،
ڳالهيون ٿيون،
آواز آئيا،
ڪنهن چيو بد ڪار،
ڪنهن چيو:
ههڙي ڪڏي ڪم ڪان،
جيڪر،
وهه کائي ها مري.
پر!
نظر منهنجي ۾،
ساوتري آ عظيم.
جو هن،
نه ڪنهن جي،
مڃي آڻ،
۽ نه تنگ تي،
ڪئي خودڪشي،
پر ڪاڻ جيئڻ،
پنهنجي منزل،
ڳولي ورتي.
۽ هوءِ ساوتري،

پتورت ناري،
ميري گدلي،
نوجوان سان،
جو آن پاڙي ۾،
هو تاڪيندو جتيون،
ماڻهو جنهن کي،
هئا چوندا مليڇ!
(پر آءٌ نه)
ديوتا سان ڪيل وچن ٽوڙي،
ويٺي پڇي.
(ڇو ديوتا جو ويو
منهن ڪارو ٿي)

⊛

دهريو

رهين ڊرندي ٿي،
آپ کي پوڇين،
دهريو ناهين،
ته پوءِ پلا —.
پيو ڇا آهين؟

تنهنجو ڦاٿل پڙو،
پراڻو ايڏو-
جيڏو موهن جو دڙو.

★

آڏون تنهنجو ننگ،
پوءِ ڇو؟
ڍڪين منهنجا انگ.

★

حوا پني بيک،
چنڊ ڪان پوءِ —
آدم پهتو مريخ.

★

سندر ناري جي سونهن،
مُنجهي چولي ۾ ايئن،
جيئن رڙڻي ۾ دونهن.

★

چناب جي چاندڻ،
هلي تہ آ —
پايون پد نرماڻ.

★

رهين جي رات،
تہ ڪر ماٺيئين،
مون جهڙي ذات.

★

سهڻي نينگر،
اهڙي آجري،
جهڙي ڪينجهر.

★

وئيشيا جا سپنا،
ڏهين رپئي جي نوٽ،
ڪري ڇڏيا پرزا.

★

رات جو پوڙون پهر،
وڏيرو ننڊ ۾،
هاري وهي ٻيگر.

★

روڳي جو پونءُ،
هرڪو پڇي پري،
ڇهي ويٺي پونءُ

★

ڇوواٽي تي ڪنگلو،
ٻيٺو آپ تڪي،
اوچو ڪيڏو بنگو!

★

تڪا سوئُر وَچ،
ويٺي لنجي،
رات ڪنهن جي لچ.

★

تنهنجو وڏو پيٽ،
ڪنهن جي پلئہ ۾،
آهي ڇيڪو ميٽ.

★

آڏون ڏرتي ڏگ،
پڇين ٿو اوپرا،
تنهنجو ڪهڙو سگ؟

★

اَڌ اگهاڙي ماءُ!
ڪيڏو آهي،
سج ۾ تاءُ.

★

تنهنجو هڪڙو ووٽ،
ڪافي آهي —
ڏهين رپئي جو نوٽ.

★

پڪا پَسيون پيرون،
ڳوٺن ۾ —
چوريون هٽن ڇيرون.

★

سر سچائي سندرتا،
جنهن ۾ پاتي،
ماڻي ان آمرتا.

★

سنڌڙي سونهن ۾ آءِ
هڪڙو ئي روپ،
الڳ الڳ نانءَ.

★

چپ تنهنجا چريا،
بيت بادل بڻجي،
هانو منهنجي هُريا.

★

رنڊي جو روح،
اُپريو جو چنڊ،
چڙهَ اُتلي پيو ڪوهه.

★

ڪنهن ڪنهن جي
لاهيو چڙهي —
صدين جا سور.

★

گيتا جو گيان،
مٿي تي تلڪ،
پڙهي پيو شيطان.

★

ڪونه ٿيو پٽڪو،
رات سيءَ ۾،
مٿو ٻار نڌڙڪو.

★

ماڻهن اتو نه گوڙ،
قوم جي ڏک ۾،
ليڊر ڪسائي روڙ.

★

گهوري گهاگهر منجهه، گوندر،
پي ويا پياڪ
جهميا پٽ ڪونڌر.

★

ايٽم جو انسان،
آڏامي آپ ۾،
ڪنهي پيو ڀڳوان.

★

اوڻٽيهين اونداهي،
وڏا ڪوٽ وڏيري جا،
چوري ساماهي.

★

پاڻي پري پاڻياري،
آنڌي مانجهي ڌرتي،
پوءِ بہ چون ڪاڻياري.

★

دل جڏهن توسان ملي،
منهنجي اکڙ تي،
چڙه آئي ڪوتا هلي.

★

امان تنهنجو گهر،
ويران ۽ قتل،
اروڙ جا کنڊر.

★

ڏنم ڪرسي تي،
لڳم ائين،
چڙه گج گڏهہ تي.

★

هوا منجهہ هڳاءُ،
منهنجي من جو ديوتا،
شايد آيو آ؟

★

منهنجي ڏات ۽ ڏانءُ
ائين ئي —
جيئن چوري جو وهانءُ.

★

اوچيون ديوارون،
ڏٺي نہ سگهيون،
ماروئڙن جون سارون.

★

ٻارن جي رينهن،
اڌ اگهاڙا انگ،
آزادي جو ڏينهن.

★

منهنجو ڪهڙو حال،
شادا ٿي رپيا،
هڪڙو سير دال.

★

لڪ لهي ٿي لوڏ،
پوءِ ٻي الا —
ڇوري ڪيڏي هوڏ.

★

گهائل من جا گيت —
ٻالا ٻنيا هڪ ڏينهن،
ٿڻندي پراڻي ريت.

★

سچ سونهن ۽ سورهيائي
ڳايو ڳئي ڳلي ڳلي
ڀلاري شاهہ ڀٽائي.

★

لکيو منجهہ نراڙ!
آئون ازلئون غريب،
تنهنجو بنگلو تہ ماڙ؟

★

مرڻ سڀ ڪلال —
جڳ جڳ جيئڻ —
منهنجي سنڌڙي شال.

★

سنتل ائن سور،
ڳائي پيو —
استاد منظور.

★

باپائن جا ٻوهه،
ماڙين مٿ نہ پائئين،
حيف ھجنئي تُوهه.

★

ھن چاني جو ڦهرائي،
ڪيڏي ڪاري رات ۾،
ڪوي گهر ڪوتا چائي.

★

پري پيالو پيءُ،
ڪير جيئي سپاڏي،
جيون نہ ملندئي ھيءُ.

★

اچڪلهہ جو انسان،
ڏکيو ڪيڏو ڏيهہ ۾،
لڏي ويو پکوان؟

★

تنھنجو سنجوڳ،
ريئيو چڏي،
صدين جو روڳ.

★

سندرتا جي ديس ۾،
راڪاس پيو راڳا ڪري،
ماڻھو جي ويس ۾.

★

جهر جهنگ ۽ کيتن،
وڏيرو روئي وانگين لاءِ،
آئي جو اليڪشن.

★

وري جو سر نسريا،
بند ڪوٺن ۾،
چپ چري جا چريا.

★

ڏي نہ مون کي ڏک،
پنھنجو پاڻ سڃاڻ!
آئون تنھنجو سک.

★

تنھنجو ڳالهيون ۽ ڳل،
سدا ساماڻل،
اڄ بہ اهڙيون جهڙيون ڪلهہ.

★

ساڻو ساڻو سند،
پوءِ بہ ارپي پيار مان،
جيجل کي ڪند.

★

کپنئين ھڪ تائي جي ماني،
سودو مھانگو ناھي، بس،
ارپ ھڪ رات لاءِ جواني.

★

پورھيت وهي پگهر،
جهانگين تي جهلون ڪندڙ،
ڪاڻئي شل ڪپر.

★

جي تون سورين سرندو،
منهنجي من ۾ پلا پوءِ،
گيت ڪيئن نہ هرندو

★

ڪيڏي طوفاني رات،
موت جي منهن ۾،
ڪانگ لنوي پيو لات.

★

منهنجو لکيل ڀاڳ،
مان چاڻان ٿو،
بند ڪر پراڻو راڳ.

★

رات جا ٻارنهن،
ولوسان ٻجي ويئي،
وڏيري جي ساران.

★

جيڪو ڏاڍو سو گابو،
ڪيئن نہ مڃيندس،
تون آ منهنجو بابو؟

★

اوندهہ ڪاري ٻاٽ،
پوءِ بہ ٻري پئي،
واچوڙي ۾ لاٽ.

★

وڏا ڪوٽ وڏيري جا،
ڇپائي نہ سگهيا،
لکين راز ديري جا.

★

ٻاٻاڻن سان ڪيل ٻول،
ٻارڻ لاءِ اٿيا،
ڍاڙي منهنجا ڍول.

★

جيجل تنهنجو ناڻ،
ري ٿنڀي ري ٿونڻين،
ڇپر تون ئي ڇانءِ.

★

انگ اگهاڙو انسان،
ٻاڻ ڏسيو آپ ڏسي،
ڇا اگهاڙو آ ڀڳوان؟

★

منهنجيون سوچون
اتو گيهہ —
ڪنڊ ۾ مرچون.

★

ساگيا لاتون ساگيا چڳ،
پيڙهجي پورهيت،
جهڙو اڄ تهڙو اڳ.

★

سندرتا جو بي انت ساگر،
پوءِ بہ جيون ٻاسي،
ائين جيئن ڪوري گهاگهر.

★

چڻن گهڙين جو ڇڻڪو—
ڪير ڇوي ٿو؟
جيون پل جو جهٽڪو.

★

رهن ماڻهو ويچارا،
ڌرتي تي ائين جيئن،
رات جي پيٽ ۾ تارا.

★

ڪارو ڪارونڀار،
لڙهن لاشا،
ڇمڪي کهاڙي ڌار.

★

تنهنجو سندر روپ،
سنو نه ٿئي —
ڪوجهائي جو ڪوپ.

★

مجيم تنهنجا گهاوَ گهرا،
پر رهڻا ناهن سدا،
سوچن تي پهرا.

★

هاري هڪلي هر
ڌرتي گرپ وتي
جهرڪن جهنگ جهر

★

تو وٽ روز وڃن شرناديون،
اسان جي گهرن ۾ ڪرن ڪي،
هر روز لڳن ٿيون باهيون.

★

شعوري لکيل شعر،
نه سونهن نه گهرائي،
رڳو وزن بحر.

★

هاري هڪلي هر
ڌرتي پٽي دشمن کي
ڪانئي شل ڪپر.

★

تنهنجو پيار ڌڪار،
ڇڻ نٿو چاهيان —
آءٌ حرامي ٻار.

★

سور سنڌڙي سُريا،
ڪنڌ ڪريا ڪيئي،
گهوٽن گوندر گهريا.

★

هاري هڪلي هر،
پاڻ گهارين عيش ۾،
ٻڌي وڃي مر.

★

جوء ۾ جهونجهڪڙو،
جنم جنم جا رشتا،
گوري گوندر ۾ گهڙو.

★

ڏوٿي ۽ ڏيهه،
ٿيندا وڃن اٺلپ ايئن،
جيئن سچو گيهه —

★

تنهنجو ڪتو به ڪار ۾،
منهنجو اڪيلو پٽڙو،
بيگر وهي بخار ۾.

★

ڪٽي هجي يا ڇيٽ
تنهنجون عيدون ٿي عيدون،
منهنجو خالي پيٽ.

★

دنيا جا ڪنڊ،
ڀورهيت ڀڳ سنڀال،
ڀاڱيچارو ونڊ.

★

ويهين صدي،
نيڪي نيٺ ڪٽندي،
ويندي مري بدي.

★

ويهين صدي،
ٻڪيو ڀاڳ،
ٻند ادي.

★

ماڻهو مٽي ۽ مٽ،
اسان اڀيو ازل کان،
۽ ڀڻ تائين ابد.

★

سنڌڙي سونهن ۽ سڳنڌ،
جدا نه ٿيندا جي ۽ ڪان،
جي ڪوڙيو اوهين ڪنڌ.

تنهنجو ڪتو به ڪار ۾،
۽ ڏيهه ڌڻي جيئن،
ڏڳو وهي نار ۾.

★

ڇوري ڇير ۽ ڇمڪار،
منش جا مارڳ،
سرجيو سچو سنسار.

★

ڇوري ڏني ڇال،
جيون ڪر ڪٽي آٿي،
ڀڄي ويو ڪال.

★

ڪامڻي جي ڪايا،
بنا جيون ان جي،
ڌوڙ ۽ ڇايا.

★

ماڻهو مٽي ۽ مٽ،
جنهن به ڀاڙو،
ماڻيو اوچو پد.

♣

فلسطين تي

شتيلا ۽ صابرا،
اڄ به انسانن تي،
قتل ڪيڏا مامرا.

★

صابرا ۽ شتيلا،
اڄ به ڇوي انسان کي،
آڻي ڪر حيلا.

★

صابرا ۽ شتيلا،
آيو ريج ڌرتي کي،
ساوا ٿيا گل پيلا.

★

آڏون اندر بند،
پوءِ به ڪينئين،
وقلين ٿو هرهنڌ.

★

بارود گولا ۽ بم،
دل ڪان ڏار ڪري نه سگهندا،
ڇوري چال ۽ ڇم ڇم.

★

ڌرتي ناهي سناءِ،
پڙا پلاند ونندا،
لڪندين کهڙي ڪناءِ.

بم ڪريا بيروت،
ماءُ مرون مقتل ۾،
ڇٽي سوڍا سپوت.

★

پونءُ بڻي بيروت،
ماءُ موت جي منهن ۾،
سانائي پٽ سپوت.

★

ڦٽڪي فلسطين،
بندوق جيان گوڙون ڪري،
بيراڳي جي بين.

★

انسانيت ۽ ضمير،
سامراج وڪڻي سون لئه،
ڪيڏو گهٽيا خمير.

★

وٽ جلائي ويهه،
رات نه راڳا ڪري،
ڏسڪي نه ڏيهه.

ايٿوپيا جي ڏڪار تي

ايٿوپيا ايٿوپيا،
پيٽ جي باهہ کي،
شانت نہ ڪري وديا.

★

ايٿوپيا ايٿوپيا،
پيري نہ سگهي پيٽ کي،
سيٺ جي ٻڪيا.

★

ايٿوپيا ايٿوپيا،
ضمير ۽ دل دنيا مان،
شايد لڏي ويا؟

★

بارود ۽ بم گولا،
سوڊر وڪڻن سستا،
مهانگا ڪيڏا لولا.

★

آپ ۾ آ ڀڳوان،
ڪيڏو نہ انياءُ،
ڌرتي تي شيطان.

ڇوڏس ٻکون ڏڪار،
ماڻهو کائي ماڻهن کي،
ٻنگلن ۾ تہ ٻہ سڪار.

★

ٻکيو ڀاءُ آڇي پيٽ،
ساڳيوئي خون پوءِ،
ڇو تو ڦيرين نيڻ؟

★

آنڌن نڪتل انسان،
هڪ ڏينهن آڳ اوڳاڇيندا،
لڙهي ويندا ڌنوان.

★

آنڌن لڳل انسان،
جيسين آهن جڳ ۾،
ڪيڻن ڇوائين مهان.

ڪولمبيا ۾ آيل زلزلي تي

ڏيهه هزار انسان،
چا ڪيئي ماءُ،
ڳڙڪائي ويئين سنتان!

سندرين جون جايون،
آتشي پهاڙ لڳايون،
انهن ۾ باهيون.

★

اوء ڪولمبيا،
لوڙهي ڇڏيئي ٻچڙا،
آيئي نه ديا.

ڪولميا جي آشا،
پرندڙ جبل ڏنا،
ڏيهه هزار لاشا.

★

سوچون ڏيهه هزار،
ساماڻجي نه سگهيون،
کهڙي ڪيئي ڪار،

ڪولمبيا جو ڪرب،
سڄي جڳ جي،
ضمير تي ضرب.

★

تون کهڙي ماءُ،
پنهنجا ڏي پٽ پليئي،
پاڻ تي آندئي ڏاءُ.

آٿ عالمي ضمير،
ڪولمبيا جو انسان،
تنهنجو ڏي خمير.

★

ڏيهين ڏنئي ڏک،
ڪيئي چا ماءُ،
ڪکيئي پنهنجي ڪک.

بک بيماري بدحالي،
ڪولمبيا پڇي عالم ڪان،
آهي ڪو جڳ جو والي؟

★

هي کهڙو ڪروڌ،
اوء ماءُ،
ڪيئي پنهنجو وروڌ.

ڪولمبيا جو انسان،
پڇي عالمي ضمير ڪان،
آئون ڪنهن جو سنتان.

★

ڪاشيون ڪولمبيا جون،
ڳڙڪائي ويو،
پرندڙ جبل جو دونهن.

چوڏس باهيون پنيت،
ماءُ مچ وچ ۾،
ڳولي پنهنجو پٽ.

پنهنجو ڪوئي ناتو ناهي!
مون کي توئي ڇيو هو،
تنهنجو ڇو پوء من ڏنو هو،
پنهنجو ڪوئي ناتو ناهي!
مون جو ماڳ مٺيو هو،
جيون آس ڇو وڃيئين لاهي؟
پنهنجو ڪوئي ناتو ناهي،
مون کي توئي ڇيو هو.

مرڪن سان تون من ڀري ڇڏ،
لڙڪن جون زنجيرون ٽوڙي.
غم گوندر ڪک پن ڪري ڇڏ،
مرڪن سان تون من ڀري ڇڏ.
جيون سُر سان ڪن ڀري ڇڏ،
دل جا ڏک درياهہ ۾ لوڙي.
مرڪن سان تون من ڀري ڇڏ،
لڙڪن جون زنجيرون ٽوڙي.

ڳيت ڏيئي جو پيتم،
مٺي جو ڀريل مٽڪو.
دل نه مڃي ته آجيون،
چئن ڏينهن جو چٽڪو.

هي جو گند ۾ ننڍڙڪو ٻار،
جنهن کي ڪائي سڌ نه سار.
جنهن جو ڪوئي پيءُ نه ماءُ؟
تو لئه مون لئه اُگهاڙي گار.

ڏاڙهون جهڙا تنهنجا ڳل،
ڳاڙهو جن ۾ رت ٽپڪي.
ائين ڏسي ته آهي جاني،
منهنجا دوها گيت غزل.

وري سڏائو واءُ نہ ورندو؟
وري ڪو دودو مور نہ چمندو؟
سنڌو مونکي ورندي ڏي چا؟
پنھنجن جا ڪو لڙڪ نہ اگھندو؟

♣

خون آھو ئي خون امر،
جو خون وهي مظلومن لئہ.
پيار آھو ئي پيار امر،
جو پيار رهي ٿو ماڻهن لئہ.

♣

هرڪو پنھنجي مفاد لاءِ ٿو مري،
حق صداقت لئہ ڪو مري تہ ڏسون.
ٻين کي هرڪو سچ چوي ٿو مگر،
پاڻ کي ٻي ڪو سچ چوي تہ مڃون.

♣

موت انهن لئہ موت نہ آهي،
جيڪي لنون ٿا سچ جي لات.
پنھنجو پرائو پرکي ڏسي پل،
موت اسانکي ڪري نہ مات.

♣

اسين ڪنهنجي جذبن سان کيڏڻ نہ چاهيون،
اسين ڪنهنجا آنسو وهائڻ نہ چاهيون.
اگر مسڪراهٽ اسانجي ڪسي ڪو،
اسان انکي جڳ ۾ رئاڙڻ بہ چاهيون.

♣

اسين امن جو سج، اسين جوت آهيون،
اسانجي تہ ڪنهن سان عداوت نہ آهي.
مگر ڪنهن اسانجي جهوپڙن کي تڪيو،
ٻڌي چڏ انهن لئہ اسين موت آهيون.

⊛

هي جي جوين ڏينهڙا، تو گجري گنوايا،
سپنا تنهنجي ساهه جا، چاڻ اڻ ساماڀا،
ڪوري جي ڪايا رلنديئين تان رڄ ۾.

⊛

رلنديئين تان رڄ ۾، ڪوري جي ڪايا،
هي جوين ڏينهڙا، تو ڀوري ڀلايا،
امر تو ساڀيا، پرک نه لهين پانهنجي.

⊛

پرک نه لهين پانهنجي، امر تو ساڀيا،
هي جي جوين ڏينهڙا، وينگس وڃائيا،
جيون تو چايا، جي جوين مند نه ملهايئي.

⊛

جي جوين مند نه ملهايئي، جيون تو چايا،
چوڏهين جي چانڊاڻ ۾، نه چوتا چمڪايا،
سپنا اڻ ساماڀا، ايندئي راتيون آماس جون.

⊛

ايندئي راتيون آماس جون، سپنا اڻ ساماڀا،
جي تو ڳيچ ڳايا، جرڪي پوندئي جوين ڙو.

⊛

جرڪي پوندئي جوين ڙو، جي تو ڳيچ ڳايا،
رت ڏي سڌ وڃائي، مچ مچائي ڪايا،
اهڙي نه ٻي مايا، جوين آ مهان پڳلي.

⊛

جوين آ مهان پڳلي، اهڙي نه ٻي مايا،
جنهن به جوين چس چکي، تنهن مندر پرايا،
ڪنگرا ڪيرايا، نعرا هنيا نينهن جا.

⊛

نعرا هڻيا نينهن جا، ڪنگرا ڪيرايا،
هي جي جوين ڏينهڙا، گوري گنوايا،
جهري پوند ڏي جيون، جي ڪنول ڪومايا،
ڪنديئين ڪوهه ڪايا، مور نه ماڻيئين امرتا.

مور نه ماڻيئين امرتا، ڪنديئين ڪوهه ڪايا،
هي جي جوين ڏينهڙا، جن منڊل منڊايا،
جن ٻـه ملهاڙا، تن وسايو وڏ ڦڙو.

سندري ساماٰيا سپنا، آيا ٿيا ڪات،
رهزن رولن رات، ڳاهن مان ڳات ڪڍيا.

ڳاهن مان ڳات ڪڍيا، رهزن رولن رات،
سندري ساماٰيا سپنا، آيا ٿيا ڪات،
چوري جي چم چم ڪي، موت نہ ڏيندو مات،
چمندي نيٺ پرڀات، سندري جي سسڪين مان.

سندري جي سسڪين مان، چمندي نيٺ پرڀات،
سپنا سانيا پائيندا، چوي چوري چات،
چمندي نيٺ پرڀات، سندري جي سسڪين مان.

سندري جي سسڪين مان، چمندي نيٺ پرڀات،
سپنا سانيا پائيندا، چوي چوري چات،
ڏسڪندي نہ ڏات، ڪنڌ نہ ڪسندو ڪوتا جو.

ڪنڌ نہ ڪسندو ڪوتا جو، ڏسڪندي نہ ڏات،
ٻاٻاڻن جي ٻنين ۾، پکي لنوندا لات،
هر ماڻهو هيرن ڪٽو، ڪاڻ ڪميڻي ذات،
وائي هر هڪ وات، تہ جڳ جڳ جيئين جيجل تون.

موکي مٽ اپٽئا، پر نہ مٽارا موٽيا،
شايد ڪنهن پر ويا، جو ماڳ موٽيا ڪين ڪي۔

*

موکي مٽ اپٽئا، پر نہ موٽيا مٽارا،
حاڪم هچارا، هوند ڏنا انهي ڏپ کان۔

*

موکي مٽ اپٽئا، پر نہ موٽيا مٽارا،
ساموندي ڪنارا، سڄيا سپرين ري۔

(فلسطين جي حوالي سان)

ٻاندي تنهنجو ٻند ۾، ڏکيو ڏٻرو ڏيل،
سوڍا تنهنجو سيل، پٽيون پڇي پورا ڪندو.

❋

ٻاندي تو کي ٻند ۾، جيڏيون هٿڪڙيون،
آزادي گهڙيون، اوڏيون اينديون اوراهون.

❋

ٻاندي تنهنجي ٻند جا، جيڏا وڏا ڪوٽ،
اوڏي مارن موٽ، سيگهه ٿيندي سائيهه ۾.

❋

ٻاندي تون ٻند ۾، جيڏو ئي اڏول،
ڏاڍي منهنجا ڍول، موٽي ايندا ملڪ ۾.

❋

ٻاندي تنهنجي ٻند کي، هي جي ڪلف ڪڙا،
آزادي ڇڙا، سيگهه وڃندا سائيهه ۾.

جيون ڪوئي جهوٽو ناهي،
جيون جهاڳ اجهاڳ، الو ميان

جڳ جڳاندڙ تـائين جلي،
آڳيڙين جـي آڳ، الـو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

رات رنياڻي پـريات پساڻي،
روڳي مـن جو راڳ، الو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

ڪارو ڪاري ڪاله ڪٽا،
اڄ بـہ چرين چاڳ، الـو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

اونده جي ايمان کي ڏوڙي،
مانجهي ماڻهن ماڳ، الـو ميان
جيون جهاڳ اجهاڳ.

هٿ هٿ موکي مڌ،
ڏاڍي ڏاڍان ڪينڪي.

جيئن جيئن اوتيان اونهون،
تيئن تيئن نينهن وڌ.
ڏاڍي ڏاڍان ڪينڪي.

موکي تنهنجو مڌ امرتا،
اوتي پايان ابد،
ڏاڍي ڏاڍان ڪينڪي.

مڌ ٿو من ميت ملائي،
سڌڙين کهڙي مڌ،
ڏاڍي ڏاڍان ڪينڪي.

جنهن جنهن موکيو مڌ لڌ،
ماڻيو اوچو پد.
ڏاڍي ڏاڍان ڪينڪي.

(*)

گوبندر سپ گنوائي وينگس،
جوين منڌ ملهائي .

جيون ناهي سڏ ڪا ڏسڪا،
چيرين کي چمڪائي
جويـن منڌ ملهائي .

آيريو آ چنبڊ چوڏس جـو،
سپنا امـر بنائي.
جوين منڌ ملهائي.

ڇا ٽيو جـي واڏون ويري،
جگ مگ جوت جلائي.
جوين منڌ ملهائي.

*

جهونجهڪڙي ۾ ڪوئي متوالو،
ويٺو ڳائي گيت سنڌو جا.

جهر جهر ماڻي ۾ جهرڻو،
مٺي ميانڊاڻ مچائي.
ويٺو ڳائي گيت سنڌو جا.

چر چر آن چڙي ڀاڳياڻي،
سُر سان سُر ملائي.
ويٺو ڳائي گيت سنڌو جا.

سنڌ وڄائي سندر ناري،
سپنو سايا پائي.
ويٺو ڳائي گيت سنڌو جا.

پيلي جنهن پونءَ کي پيليو،
وانگي وچن نڀائي.
ويٺو ڳائي گيت سنڌو جا.

گيت ۾ ڇا آلاپ انوکو،
سارو جڳ جهومائي.
ويٺو ڳائي گيت سنڌو جا.

*

چوري چمڪو چنر جو،
منهنجو موهيو من.

تون جي مونسان ساٿ هجين،
جيون نـا پل ڪن،
منهنجو موهيو من.

تون ئي آ بس منهنجي مايا،
ڪونہ ڪپي ٻيو ڌن،
منهنجو موهيو من.

سنڌڙي جي هر شئي پياري،
ڇـا وستي ڇـا بن،
منهنجو موهيو من.

ٻنيون ونيون اجرڪ رليون،
مون سان ڳالهيون ڪن،
منهنجو موهيو من.

رعزن راتيون اچن ڦتڪن،
چمڪي کهاڙي ڳن،
منهنجو موهيو من.

گوري گج گلابي چپن تان،
گهوريو پنهنجو تن،
منهنجو موهيو من.

نيڻن وهي نير او سانوڻ،
کهڙو سانگ رچائيندين،
مونکي ڇا پرچائيندين.

رگ رگ ۾ راڳ رچهي تو،
کهڙو گيت ٻڌائيندين،
رمتا ڇا ريجهائيندين.

دل جي دکيل ديول ۾،
کهڙو ديپ جلائيندين،
پنهنجو وقت وڃائيندين.

منهنجو پيار پاتالئون اونهون،
لونيا انت نہ پائيندين،
نہ ڏي نينهن نڀائيندين.

رات کي مـات آئي اجھو،
چـــو ٿـــا نيڻ ڏرڻو،
چاڻ سچ آيرڻو.

دل جا در نہ ٻيڪڙ ڇوري،
تنھنجو پريتم سيگھہ وريو،
چاڻ سچ آيرڻو.

ڪالھہ ٿي اڄ جي ڳالھہ ڪئي،
ڪونہ ڪوٺ آنکي چريو،
چاڻ سچ آيرڻو.

ڏوٿين ڏانتا ڪيا جو آيا،
ڏاڍ پنھنجي ڏر ۾ ڏريو،
چاڻ سچ آيرڻو.

جيون جي ڪوجھائي ڪوڙاڻ ۾،
جوين جي سونھن امرت ڀريو،
چاڻ سچ آيرڻو.

قتل گاھن ۾ ٿيا ڪڙڪاٽ،
ڪنڌ ڄڌھن ڪونڌر ڪريو،
چاڻ سچ آيرڻو.

سک جا سال سوين او ساٿي،
ڏک جا ڏينهن ٻٽي.

پاڳ نہ هاڻي پينگ کندو،
ڪو بہ نہ مزندو اٿي لٽي،
ڏک جا ڏينهن ٻٽي.

آد جڳاد کان ايرو آدم،
بازي وينـدو نيٺ کٽي.
ڏک جا ڏينهن ٻٽي.

محبت جـي متڪن سان،
ڪاريو ويندو ڪوڙ ڪٽي،
ڏک جا ڏينهن ٻٽي،

رات جي رهزن راڪاسن کي،
آيري آ پرڀات ڦٽي،
ڏک جا ڏينهن ٻٽي.

وقت جا ارغون آڏري ويندا،
دولهہ ورندو ننگر نٽي،
ڏک جا ڏينهن ٻٽي.

سرجي پيو سٽ الو ميان،
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڏن ۾.

ڪونا ڪوي جي اهڙي نياري،
جهڙي ڪوري ڪٽ، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڏن ۾.

ويل ڀنيرڪي پٽن تي پيرا،
گانيارن جي گت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڏن ۾.

ڏات لهي تي ڏيهه ۾ سائين،
مورڪ ميڙيسن مت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڏن ۾.

جهر جهنگ ۾ جولان آئيو آ،
ويندا لڙهي لکيت، الو ميان
ڪوڙ ڪنبي پيو ڪوڏن ۾.

ٽم ٽم ٽمو ٽيڙوئو،
مون نئون راڳ ڇيڙيو.

تند تند ۾ طوفان گجي،
سارو ملڪ ميڙيو،
مون نئون راڳ ڇيڙيو.

ويا اڀاڳا ٿي ڀاڳي،
ڀينگين ڀاڳ ڀيڙيو،
مون نئون راڳ ڇيڙيو.

ڪيت ڪرن ۾ ڪندن سان،
جهانگين جهيڙو جهيڙيو،
مون نئون راڳ ڇيڙيو.

سڪرات ۾ سپنن ڪرڪنيا،
موت بستر ويڙهيو،
مون نئون راڳ ڇيڙيو.

منهنجي ڏات پريات، الو ميان
جن لئہ مان تو گيت چوان،
ٿيڻا نــاهــن مــات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

منهنجا گيت جڳ جرڪائن،
چوڏس ٿئي چمڪات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

جي تو پاپي پاپ ڪي پوکيو،
آيــــا ٿيندا ڪات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

سـڌ وڃائي سرنـدو سوريان،
چرڪي چوري چات، الو ميان
منهنجي ڏات پرپات.

تنهنجي آئي ياد جو پيارا،
چمڪي پيا جڻ آيَ ۾ تارا.

مڌ مستي ۾ ويا تي الوپ،
ڪير چوي مٺا موکي متارا.

ملي ملحد ڪافر ڪوٺيو،
پو به پيا ڪن وسيل اوتارا.

پار پرين ڪان اينڌڙ هير،
ڪوڙن ۾ جڻ وڄن نغارا.

رجهنڌڙ روح ۾ چير جو چمڪي،
وسريا سور صدين جا سارا.

تنهنجي چاهت چاڻنٺ جو آئي پٽي،
ڇڱا ڇوڪا انسان به ٿي ويا ڇڙيا.

ٻنيرڪي جو ٻيٽ ٿي ٻٽائي ڇپيا ٻيٽ،
ڏکيا ويا سکيا ٿي، ٻاڳ ٻيهنگن ٻريا.

جڏهن ٻه سڏيو سچ سونهن ۽ ساٺيهه،
دکائي ويا دونهيون ڪيئي دوابه دريا.

ٻرسيون ٻوندون بادل ٻني باهه ٻٺونءَ جي،
ٿڏا ٿيا پيا ٿاڪ، ٿر ٿوهر ۽ ٿريا.

*

تنهنجون يادون اڄ بہ ايئن جيئن پاڻي مٿي ڪنول،
راتيون رهزن ڏائڻيون، سپنا پوء بہ ڪومل ڪومل.

ٻن چپن جي منڊ ۾ ويا ٿي، پيلا گل ۽ پيلا پن،
اڄ بہ آڳنڊ ۾ هوا جا جهونڪا، ڪٿيو اچن ٿا ڳاڙها ڳل.

انگ انگ ۾ اٽڪت پيڙا، روڳي روڳ وهي لارون،
ڏرتي ٿيندي ڳرب وتي، سيان تہ ڏيندي ساوا ڦل.

هيڪلائي جي انڌين ڪاهن ۾، آئين ڪڙڪبيتي جيان،
دل جي ديول روشن ٿي، وسري ويو جو گذريو ڪلهہ.

ڏائڻ جهڙا گيت ڇپا جي، ڪوي ڪاري ڪاروڻيار منجهہ،
جهوري وڌو جيءَ جسم پر، ڳهائي نہ سگهيو گيت اجل.

سڪرات جي سور سسڪين ۾، سندرتا جي ڇيڙيا سُر،
جنڊڙي جيجل سان جڙي، آيو اندر ۾ اڻ ڪٽ ٻل.

صورتون سهڻن مهڻن جون، ۽ مستيون مٺخانن جون،
منهنجي اندر ۾ اکين ڪتل، جيئن ڪاٺ ۾ ڪوڪو ۽ سل.

*

هرڪو چوي ٿون ڇيڳل ڇوري،
منهنجي ٿوتان جيون گهوري.

رت بسنتي مست هوائون،
روڳي سر تان چادر سوري.

سوري تي سپنا جو ساماڻيا،
ڇڪي موت جي جيون ڏوري.

سندرتا جو هر پل امر آ،
مان نہ مڃان تہ جيون ٿوري.

ستہ سندرتا، سبرڪ امرتا،
ڪوي ڪهڙي ڪايا ڪوري.

جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪي جوين،
هر ڪنهن من ۾ هورا ڪوري.

جهونڪڙي ۾ جيءَ جري،
هيڪل هانو ڪونہ سري.

آءٌ اڪ ڏکويل ٻوهہ ٻي،
ڇو ويو ڪوٺي مڱ ڏري.

چاندوڪي ۾ امرت بدلي،
ڪنهن تہ ڏنو هو زهر ڀري.

ڀوياڙي جا پاڇا پريتم،
من ڀري جيئن رات ٺري.

ٽم ٽم ٽمو ٽيڙنو،
منهنجو پريتم من وري.

امرت کان وڌ تنهنجي مرڪ،
پوءِ بہ جيون زهر جا ڍُڪ.

ميٺ کان ٻي ڪنٺورا ماڻهو،
اجهي لٿي لئہ ڳارين رڪ.

ماکي کان ٻي مٺڙي ناري،
ان دائن لئہ وڪڻي ڏڪ.

مرڪڻا ماڻهو لڙڪ روئن،
پوءِ بہ پيڏائين هجڻي ٽڪ.

سورن جي هن ٻيو ساگر ۾،
پنڪي بحر ۾ ترڻي ٽڪ.

ٻاڏي تون سهڻا ڳچ نہ ڳوري،
توکي کهڙي ڪل او ٻوري.

تنهنجو پيارو سنڙو مکڙو،
هر ڪنهن تو گهائي ڇوري.

ڪن ۾ واليون نڪ ۾ ٻولو،
سهڻي سينڌ ڳچي ۾ ڏوري.

تنهنجي سندر موڪيا ٻچلي،
جان ۾ آئي تي ڪا جهوري.

تنهنجا نرگسي نيڻ ڏنا مون،
هيڻين ۾ جاڳي پئي آ هوري.

چور نظر سان مرڪ مٺي سان،
تو تہ ٻون جي دلڙي ٻوري.

وري جو سرد نسريا،
سنتل سور سيني سريا.

ڏکيو ڏيهه، جڏهين، ڏچي ۾ ڏاڏاڻا،
چڙيا گهاٽ ۽ گهر، گهوٽ گوندر گهريا.

جڏهن برسيا بادل، پلاري پوڻ تي،
صدين جا سنتل گيت، هيئن ۾ هريا.

اوندهه نه اوتي سگهي، اندر ۾ اندڪار،
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ چپ چري جا چريا.

سرنهن جي سگنڌ، ساهه سيني سمائي،
پاپاڻن جي پنين ۾، پوهه پاڄهر پريا.

دکن جي ديول ۾، دوست دلبر دلاسو،
رات جي پيٽ ۾ چڙهي، ڪيئي تارا اپريا.

تنهنجي جڏهن به دوست، آ ڳالهه هلي،
واسجي ويئي سرهاڻ سان هـر ڳلي.

تنهنجي عزت جو ڀرم رکڻ لئه اسان تہ،
درد جي داستان اڄ تائين نہ ڪنهن سان سلي.

ماڻهو مندرن ۾ تـا مرادون مـاڻن اچن،
اسانجي تـہ دل بس مچيو آ توکي ولي.

سوين روپ ڌاري اڳڻ منهنجي آيا.
اسان ڪوڙ جي منهن تي اڄ به دانگي ملي.

جڏهن ڪنهن به آ، آڏي اک سان نهاريو،
اسان آن ٿي پل تو لئه پنهنجي جيون پلي.

پنهنجا غلم ۽ غاليچا پاڻ وٽ ٿي رک تون،
پلي يـار سنڌ جي آ نـہ ڪيڏي رلـي.

محبت جي مچ ۾ مرڻ کان پيو ڇا جو،
اسان سڪرات ۾ به دل آ پنهنجي جهلي.

ديس دامر کي ڏن تـي وکڻ کان تہ،
سوچيوسين انهي کان تہ ير آ بک پلي.

سياري جي سياڪن ۾ پردن جون پچارون،
اونداهن ڪوٺن ۾ هر ڏس جوين جوت جلي.

*

گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان،
ڏوريو سچ کي ڏوريو لوڪو.
ڪيڏي سانت آ چانيل جڳ ۾،
ڪجهہ نہ چپن کي چوريو لوڪو.
گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

ٻات اوندهہ ۾ چوٽا گهاريو،
پرهہ تان چادر سوريو لوڪو.
گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

ڪوڙ جي ڪاڪ محل ۾ چو تا،
دل وارن کي توريو لوڪو.
گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

جيجل جوءِ ۾ جهونجهارن ميان،
پنهنجو جيءُ نہ جهوريو لوڪو.
گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

پونءُ پلاري پٽ تہ ڏسي سان،
سور صدين جو سوريو لوڪو.
گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

سنڌڙي سندري سانگيئڙن تان،
ڪونڌر ڪئين نہ ڪنڌ ڪوريو لوڪو.
گهوريو لوڪو سرڙو سچ تان.

*

جڏهن پيي اسان سونهن ماڻ آ چاهي،
تہ سوري اسانجو مقدر بڻي آ.

سوين روپ ڌاري ڌتارڻ تو چاهيو،
اسانجي تہ توسان ڪڏهن نہ بڻي آ.

اسين ڪونہ چاهُون تنهنجون رنگ رليون،
اسانجي تہ دنيا ۾ ويڻگس وڻي آ.

اسان لئہ تہ آ بس مٽي ڏي سڀ ڪجهہ،
تنهنجي لاءِ بس جي سڀ ڪجهہ غني آ.

سگهنڌ سونهن سنڌڙي جڏهن دل تي ڇانئي،
ويئي اوندهہ آذري ڪيڏي سج ڪني آ.

منهنجي توسان يـاري سائين،
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
اپريل آهي چنڊ آڪاش ۾،
پو ٻي رات ڇو ڪاري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
منهنجا پير ڀتون جي ٿيا ته،
تون ڇو دلـڙي هاري سائين!
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
تنهنجي پيار ۾ لڄان ڦٽڪان،
جڳ سمجهي تو بيماري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
ڏيرو ڏيل ۽ اکڙيون آليون،
منهنجي ته آ راجڪماري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
تو به جي مونـکان منهن مٽيو،
بـاقي رهندي خواري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
هر پل ڀهرا، هر وک ويري،
دنيا ڪيڏي هچاري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
آڏي مانجهي نانـگ لتاڙي،
پوءِ به چون ڪانياري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.
منهنجا سپنا ســون سمان،
ليڪي اوڪ آ بيڪاري سائين.
ايڏي ڇو دل آزاري سائين.

من مندر ۾ وڄي دنبورو،
گيت جيون جو ته به اڻپورو.
ٻڌو ڙي لوڪو ڏيان ڏيئي،
ڇا ٿو چوي هو ڇيڙي ڇورو.

من مندر ۾ وڄي دنبورو.

ڪجهه نه ڄاڻون ڪوڙ ڪپٽ مان،
سر اسانجو سچ تان گهورو.

من مندر ۾ وڄي دنبورو.

نس نس ۾ آ نينهن نڪور،
اندر پنهنجو ته ٻرندڙ ڪورو.
من مندر ۾ وڄي دنبورو.

سوڀيا جو آ ساگر بي انت،
پريم جو گهاگهر پو ڀي ڪورو.
من مندر ۾ وڄي دنبورو.

★

ديوارن ۾ ڌراڙون پائي، آئي جو سگهند،
ديوانيءَ جي ڌرتيءَ مان، وئي ڳنڍي جي تند.

ڇورا زورا جيئن پيوءَ نيئن اڳرا،
ساڻا سنڌ ن توڙي سنڌ.

مڌ جو پيالو ڳيت ڏيئي جو پيتو،
رهيو نڪو ڏي اڌ نڪو ڏي بند.

هي ڪهڙو بيراڳي آيو آ جو،
ڳالهه جنهن جي آ هر ڳلي هر هنڌ.

سور صدين جا لتاڙي پهتا،
پانڌين هاڻي پري نه پنڌ.

ڇوڏس باهيون پنهنجيءَ پڙڪن،
درياهه جو چڙهه آ پيو ٽٽي بند.

جيئين جيجل جڳ جڳ شال.
توتان گهوريان پنهنجو ڪنڌ.

★

هڪ تون ئي هجين گڏ نوسان هجان،
هڪ ڳالهه ٻڌان هڪ ڳالهه ڪيان.
هڪ تون ئي هجين.

منزل تون هجين، مان واٽهڙو،
سڀ زخم ملن ته به راهه رسان.
هڪ تون ئي هجين.

تون لاٽ هجين مان پروانو،
سڀ جنم هجن مان مرندو رهان.
هڪ تون ئي هجين.

تون بين هجين مان دانهه هجان،
گم تو ۾ ٿيان، ٿي گيت وڃان.
هڪ تون ئي هجين.

تون مکڙي هجين گل توکي ڪيان،
توکي خون جگر جو ڏيئي چڙهيان.
هڪ تون ئي هجين.

تون مورت هجين مان پوڄاري،
مان توکي چمان قدمن تي ڪران.
هڪ تون ئي هجين.

تون سوچ هجين ۽ مان شاعر،
مان سچ سراپا بنجي وڃان.
هڪ تون ئي هجين.

تون تار هجين مان طالب هجان،
تون دور نه ٿين، مان دور نه ٿيان.
هڪ تون ئي هجين.

تون سيکي هجين مان تچ هجان،
تون پريت هجين مان تو لئہ سکان.
هک تون ئي هجين.

سڀ حاصلؒ ٿئي جي حاصل ٿين،
مان هر شئي کان ٿي باغي وڃان.
هک تون ئي هجين.

تون سنڌ هجين مان جند هجان،
جوڙوار کري تنهن تي وار کيان.
هک تون ئي هجين.

او ڇوري او ڇيڱلي!
پائي هٿ ڪنگڻ ۽ هيڪلي ڳهڻ،
وري مٿان مرڪڻ ماڻهو ڪن ڇڻ پڻ.

او ڇوري او ڇيڱلي!
نڪ ۾ واهه جو بولو ۽ ٽڪن پريل ڇولو،
ڪٿي نه پونئي پولو ماڻهن منجهه رولو.

او ڇوري او ڇيڱلي!
مٿي تي گهاگهر ۽ پير ۾ سهڻي جهانجهر،
منڊي منجهه آڱر نڪرين گهران سانجهر.

او ڇوري او ڇيڱلي!
ڪري هار سينگهار، رچين ٿي ٻـي پار،
خطرن کان انڪار ڇا ڪيو ٿئي دلدار؟

او ڇوري او ڇيڱلي!
او ڇوري او ڇيڱلي.

ڏرتي جا غدار ٻڌي ڇڏ!
مون جهانگيرن سان لنو لڳائي،
تو جهوپن کي آ باهه لڳائي،
تون ويري آن تون ظالم آن،
تنهنجي منهنجي پريت نه ڪائي.
ڏرتي جا غدار ٻڌي ڇڏ!
مون ڌرتي کي آ ماءُ مڃيو،
تو ڌرتي جي ٻچڙن کي ڪٽيو،
تنهنجو منهنجو ڇا جو سڱ،
تو ٻنجي پاءُ آ مونکي نڱيو.
ڏرتي جا غدار ٻڌي ڇڏ!
مون جا امن جي جوت جلائي،
پنهنجي نگري خوب وسائي،
تون خون خرابي جي آن تي،
چاڙي واڙي راند رچائي.
ڏرتي جا غدار ٻڌي ڇڏ!
مون ڌرتي سان پريت لڳائي،
تنهنجي دل دولت للچائي،
مون ۾ تو ۾ فرق اهوئي،
مون ۾ سچائي تو ۾ ٻيائي.
ڏرتي جا غدار ٻڌي ڇڏ!
دودو ٻنجي سان ڪاهيندس،
تنهنجا محلا سڀ ڊاهيندس،
ظالم، توڪان وير سڀ واري،
توکي ساري دم ساهيندس،
ڏرتي جا غدار ٻڌي ڇڏ!

ايڏو ٿي نہ اداس او ساٿي!

نيٺ تہ ٻوھہ ٻھندو،
نيٺ تہ ڏوھہ ڏڪندو،
رات جو رولو رھزن،
نيٺ تہ ڦاھي لٽڪندو،
نيٺ تہ چنڊ چمڪندو.
رھٽي ناھي آماس — او ساٿي ايڏو ٿي نہ اداس.

تنھنجا گھاوَ گوريون،
گلن ساڻ اگھنديون،
دکي دل جي ديول ۾،
ڪيئن ڪامڻيون نچنديون،
مرڪ امرت مرڪنديون،
پچندي نيٺ تہ آس — او ساٿي ايڏو ٿي نہ اداس.

ٻري ۾ نہ ٻاپاڻا،
ڏکن ۾ نہ ڏاڏاڻا،
ٻادل ڀرجي ايندا،
وسندا وري وٽاڻا،
ھي گوندر ۽ گھاڻا،
نيٺ تہ ٿيندا ناس — او ساٿي ايڏو ٿي نہ اداس.

موکي مت آچيندي،
وينندا لڙ لھي،
دل سان دلڙي ملندي،
جيئن مکڙ منجھہ مھي،
ڪوڙي ڪاڻ رھي،
جيون ايندي راس — او ساٿي ايڏو ٿي نہ اداس.

★

ازل کان سائڻ ڀانيان ٿـو،
مان توکي ڀائڻ چاهيان ٿو.

موت جي اونداهين اونهين کاهين ۾ مان،
کا جيون جي جوت جلائڻ چاهيان ٿو.

پوري عمر مـان آهيان رليو ۽ ڀٽڪيو،
هاڻي توکي ڀـي رلائڻ چاهيان ٿو.

تنهنجي فطرت کان آهيان واقف پوءِ بہ،
کاريهر سان پلئہ اٽڪائڻ چاهيان ٿـو.

وانـگي وساري تو ڇڏيو پر مان تہ،
ڌرتي سان نينهن نڀائڻ چاهيان ٿـو.

ڏنوانو دڪانن جـا دروازا کوليو،
نہ تـہ زوري بـہ مان کائڻ چاهيان ٿـو.

ساريون پکيون لاٻارو ٽيو،
اڌ وڏيري جو باقي سيٺ.

پورهيت ساڳيو ٻڪيو ڏکيو،
ٽوڙي ڪٽي هجي يا ڇيٽ.

ٽوني وڏيرو موج ملهائي،
پورهيت ڪائي ڇيڪو ميٽ.

پورهيت پنهنجو پاڻ سڃاڻين،
ڦهر جو ڪوٽ ٻي ڪرندو نيٺ.

تون ڏي آهين پون ءُ جي طاقت،
ناهي ڪنهنجي توسان پيٺ.

اُٿ تون هٿ ۾ ڏاٽو ڪڻ،
ڪر تون آجو پنهنجو کيت.

⊛

پنهنجو نعرو آهي يارو،
هاري پورهيت زنده باد،
هاري پورهيت زنده باد.

سو ٿي ٻني جو فصل ڪٽي،
ڌرتي جو ٿي ڪري آباد.
هاري پورهيت زنده باد.

مل ۾ جو مزدور ٿو لوڙي،
سو ٿي ڪٽندو آن جي واڌ.
هاري پورهيت زنده باد.

اسين حقيقي وارث آن جا،
اسين ٿي ڌرتي جو اولاد.
هاري پورهيت زنده باد.

ڌرتي جو، جو دشمن ٿيندو،
ويري ڪنداسون سو برباد.
هاري پورهيت زنده باد.

مطلب خور نظر ۾ آهي،
ٿوڙي سگهندو ڪين اتحاد،
هاري پورهيت زنده باد.

اسين پوڄاري امن صلح جا،
دشمن لئه اعلان جهاد،
هاري پورهيت زنده باد.

⊛

*

او پٽ ڏٽي او پٽ ڏٽي!

تنهنجي مارئي قيد ۾ قابو،
روئي روئي نير ٿي هاري،
ڪيٽ آ خاموش مارو ننڊ ۾،
ويري ڦوڳ وير ٿو واري،
ظلم عمر جو زور ٿي آهي،
ڪير آ جو زنجير ڀڳهاري؟

او پٽ ڏٽي او پٽ ڏٽي!

تنهنجي سسئي پنهنجي پنهون لئہ،
اڄ پي ويٺي ٿي واجهائي،
آڏا ڏونگر ڏکيا آهن،
سونهون ناهي جو راهہ لکائي،
پنهون بہ ويٺو ڪيس پلائي،
ڪير انهيءَ کي ڪيچ رسائي؟

او پٽ ڏٽي او پٽ ڏٽي!

چارڻ پيو ٿو چنگ کي چوري،
ناه ڏياج جو سرڙو گهوري،
ويٺڙو آه ڪوڙو ڪوڙي،
ڪير آ جو سچ پروڙي؟
تو ري سنڌ جو ناهي ڪوئي،
هن رڻندڙ سان حال جو اوري.

او پٽ ڏٽي او پٽ ڏٽي!
او پٽ ڏٽي او پٽ ڏٽي!

*

ڀڳوان مندر ۾ ناهي ميان،
ڀڳوان اندر ۾ آهي.

تون جا ڏوپ دکائين ويٺو،
تنهن تپشيا ۾ ڇاهي ميان.
ڀڳوان اندر ۾ آهي.

ڳولي ڇونه دکي ڪنهن دل ۾،
ڪاشي ۾ ڪجهه ناهي ميان.
ڀڳوان اندر ۾ آهي.

ڀڳوان آ اُن شاعر ۾،
جو سچ لاءِ سينو ساهي ميان.
ڀڳوان اندر ۾ آهي.

اُن باغي جي سيني ۾ آهي،
جيڪو چڙهي ٿو ڦاهي ميان.
ڀڳوان اندر ۾ آهي.

★

او سانوري او بانوري!

تنهنجي مرڪ ايئن ٿــو ڀانيان،
ڄڻ ڀنيور ۾ ڪنول ٽڙي پيو،
چوٽي ۾ گل ايئن لڳي ٿــو،
آڀ ۾ ڄڻ ڪو تارو ڪڙي پيو،
تو جو منهن کي ڇپايو ڄڻ تہ،
ڏونگر پويــان سج لــڙي پيو.

او سانوري او بانوري!

هن سنسار جي سونهن کي ڳوهي،
قدرت توکي ٺاهيو هوندو!
۽ پوءِ تنهنجي سندر سوڀيا تي،
قدرت ڀي شعر چيو ڪو هوندو!

او سانوري او بانوري!

مان توکي چوندس نمان او پياري،
تون پيار جي امــر ديوي آن،
مان تنهنجي من مهٽي مکڙي تان،
هڪ وار تہ ڇا سئو وار مران،

او سانوري او بانوري!

★

شاعراڈو نثر

مان سوچيان ٿو

مون ڏٺو تہ سقراط ڪِلي رهيو هو، ڪلڻ جو سبب پڇيومانس، چيائين، ”تو منهنجي اها چوڻي ٻڌي آهي تہ ’منهنجو اُستاد بيوقوف آهي‘.“

ورائيم، ”ها ٻـڌي اٿم. پر اُن ۾ ڪلڻ جـي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

جواب ڏنائين، ”ماڻهو اڄ ڪلهہ مونکي بيوقوف سمجهڻ لڳا آهن، انهي ڪري ڪِل ٿي اچيم.“

⊛

تنهنجو وڏو ۽ ڊيرڪيل پيٽ ڏسي، مونکي تنهنجي پير ۾ رهندڙ، اُهو هڏائون پيرو انسان ياد ٿو اچي، جنهن جو پيٽ هاڻي آنڊن سان وچي لڳو آهي.

لڳيم ٿو اُنجو پيٽ تو ۾ هليو ويو آهي.

⊛

تنهنجو پيار مٺو ۽ ملپيل اُهو زهر آهي، جيڪو پيئي سو ڦٿڪي مري ۽ جيڪو نہ پيئي سو اُڃ مري.

⊛

هن مونکي چيو، ”اءُ توکي ڪونہ سڃاڻان.“
مون چيو، ”انهي ڪري تہ اءُ وڙهان پيو.“

⊛

اورنگزيب راڳ جو ويري هو. انهي ڪري نہ تہ ڪو راڳ هنکي ڪونہ ٿي وڻيو. پر انهي ڪري، جو هن چاتو ٿي تہ سندس عقيدو راڳ منڊر ۾ مات ڪائي ويندو.

⊛

”منهنجو موت؟“
جڏهن تون مونکي پڙهڻ ڇڏي ڏيندين.“

⊛

مايوسي گناهه نه پر بزدلي آهي.

⊛

جيڪو وقت کان اڳ پيدا ٿئي ۽ وقت کان پوءِ (اينڊڙ وقت) جون ڳالهيون ڪري، اُنکي فيلسوف چئبو آهي.

⊛

رات، جنهن کان تون ۽ مان نفرت ڪريون ٿا، رات، جنهن کي ظلم جي علامت طور استعمال ڪيو ويندو آهي. پر ڇا تو اهو راز سليو آهي ته آءٌ ۾ تارا رات جو ڪڙن ٿا؟

⊛

تون مونکي پاڳل ٿو ڪوٺين. اهو ڇاڻڻ جي باوجود به ته مان پاڳل ڪتي جو ڪاٽيل آهيان — حيف اٿئي.

⊛

تو ڪڏهن تاڪ منجهند جي سورج سان اکيون ملايون آهن؟ پڌ — مان تاڪ منجهند جي سورج سان اکيون ملائيندو آهيان ۽ ڪرڻا جهٽيندو آهيان — ۽ پوءِ — جتي روشني ناهي، اونده انڌڪار آهي، اُهي ڪرڻا پلٽي ڇڏيندو آهيان. مان جنم جنم کان ائين ڪندو آيو آهيان ۽ تيستائين ڪندو رهندس، جيستائين سڄي سنسار مان اونده انڌڪار ختم ٿي نه وڃي.

⊛

آرسي ۾ پنهنجو پيٺو پل ڏسي باڌور نه ڪر.

⊛

منهنجي اڻپوري وائي، جيڪا نامڪمل هوندي به مڪمل آهي ”سُر مان سرجيو سارو سنسار.“

⊛

سون جي دڪان تي،

مٿئين طبقي جو ماڻهو:- ”مان هي سون گهنان ٿو.“

وچئين طبقي جو ماڻهو:- ” آءٌ هي سون گهنڻ چاهيان ٿو پر ....“

هيٺئين طبقي جو ماڻهو:- ”آءٌ هي سون ڦرڻ چاهيان ٿو.“

مستقبل جو انسان:- ”اچو ته سون ورهايون جيئن جڳ ۾ جهيڙو ئي نه رهي.“

⊛

سر سونهن ۽ سچائي، سدائين جوان ۽ جماڻ ٿئي. اُنکي پيداپو اچي ئي ڪانه.

⊛

او ڪامڻي! منهنجي دنيا ۾ اُئين هلي آ- جيئن سپنن ۾ آئي هوئين ته جيئن، منهنجي ڪوتا مڪمل ٿي وڃي.

⊛

شاهه لطيف ۽ شيخ اياز، مونکي هڪڙي ماءُ جا ٻه جاڙا پٽ لڳندا آهن.

⊛

ڪنهنجي سپنن جو گهاتڪ نه ٿي. هنجا سپنا به تنهنجي سپنن جيترا ئي سندر آهن.

⊛

او يسوع مسيح! مان تو وٽ ڏوهاري آهيان، مون به ته پين سان گڏجي توکي پٿر هنيا هئا.

⊛

حويلي ۾ ويٺل عورت چيو، ”مونکان رنڊي به ڪيڏي نه خوشقسمت آهي!“

⊛

او ڪانڊر! تنهنجي زندگي ٻه موت ۽ منهنجو موت ٻه نئين زندگي آهي.

⊛

ٻڪئي مالدار کي چيو، ”تون جيڪڏهن مون کي ماڻي ڳيهو ڪارائين ته مان توکي پنهنجي حصي ۾ آيل جنت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

⊛

ميران جو گرڌر مان آهيان.

⊛

او اجنبي! درياهه ۾ لڙهندڙ لاشا ڏسي، حيرت نه ڪاهه. تون شايد هن ديس جي ريتن کان گهٽ واقف ٿو ڏسجين، هي ڪارو ڪاري اٿئي. جڏهن ٻه چنڊ پنهنجي چانڊاڻ سان سنسار ۾ سونهن اوتي ڇڏيندو آهي ته ـــ ٻه دليون ڪڪرن جي اوٽ ۾ اچي پيار ونڊينديون آهن ۽ پوءِ ان جي عيوض ڪهاڙين جو ٻڪ ٿي درياهه ۾ لوڙهيون وينديون آهن.
صديون گذري ويون آهن، پر چنڊ جي چانڊاڻ سان، هي ڪاري ڪاري جو رشتو جيئن پوءِ تيئن اڻ مٽ ٿيندو وڃي.

⊛

هو رڙيون ڪري رهيو هو. هن جو پيٽ وڃي آنڊن سان لڳو هو. ساڌو هن جي اندر ۾ گيان اوتي رهيو هو. مون ڏٺو، هو پوءِ به رڙيون ڪري رهيو هو. هو ٽن ڏينهن کان بکايل جو هو.

⊛

تون چوين ٿو ته اونده انسان کان سڀ ڪجهه کسيو وني. ”ها ـــ مڃان ٿو. پر ائين به ناهي. اونده ۾ گهڻو گهاڻ کان پوءِ انسان اونده ۾ به ڏسڻ لڳندو آهي.

⊛

او سرجٹھار! تون جيڪڏهن منهنجي جوڙيل دنيا ڏسين نہ هوند توکي بہ آن ۾ رهڻ جي خواهش پيدا ٿي پوي ۽ پنهنجي جوڙيل دنيا کي تڇ سمجهين ۽ آن کان نفرت ڪرڻ لڳين.

(★)

او وينگس! پنهنجي لـڙڪن ڀڳل چولـي سان منهنجي سامهون ٿي ويهہ. مان توکي پنهنجي ڪوتا ۾ سموڻ ٿو چاهيان.

(★)

رنڊي جي حسرت: ”مون کي بہ ڪو زال ڪري ڪوني!“

(★)

خـون ٿيو، رت وهيو، انسانيت لڇي ۽ ڦٿڪي رهي هئي. پريان لائوڊ اسپيڪر مان ڪوئي ٻڪي رهيو هو ”سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن.“

جي سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن تہ پوءِ هي خون ڪنهن ڪيو هو؟

(★)

’ڪوئي تو هو جو ميرا وحشتون مين ساٿي هو.‘ ائين ٿو لڳيم تہ ڄڻ هي شعر افتخار عارف نہ پر مون چيو آهي.

(★)

اُگهاڙي ۽ ٺوٺ ڏرتي تي وينلو! مان تـوهان سان پيو ڳالهايان. ڇا توهان کي خبر آهي تہ ڪرسي جو موجد فرعون آهي؟ ۽ اُن ڏي وقت کان هو ڪرسي تي قابض آهي—

اڇو تہ توهان کي هڪڙي راز جي ڳالهہ ٻڌايان! ڪرسي جو بنياد ڇئن ٽنگن تي هونـدو آهي. توهان جا هٿ جيڪي ڪاراين مثل آهن، جي حرڪت ۾ اچن تہ ڪرسي اچي پٽ تي پوندي ۽ ڪوبہ توهان کان مٿاهون ويهي توهان تي حڪم هلائي نہ سگهندو.

(★)

مان جڏهن فطرت جي ڳجهن کان واقف ڪونه هئس تڏهن سمجهندو هوس ته سڀ ڪجهه تون آهين.

۽ هاڻ ــ جڏهن مان سڀ ڪجهه ڄاڻان ٿو، تڏهن سمجهان ٿو ته تون ڪجهه به ناهين.

⊛

هن لهندڙ سج ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪايو. مون چيو: ”جڏهن هن ڌرتي جا ماڻهو، تاڪ منجهند جي سج سان اکيون اکين ۾ ملائڻ سگهندا، تڏهن پڪ ڄاڻ ته جهرن جهنگن، ڪيترن ٻنين، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ انقلاب اچي ويندو.

⊛

بزدلي ۽ ڪانئرتا کان چريائپڻو بهتر آهي.

⊛

مون چنڊ ۽ چڪور جي پيار تي گهڻو ڪجهه سوچيو آهي. ڪير ڪٿي اُن رشتي کي ڪيڏو به اوچو سمجهي ۽ انهي پيار کي امر چوي. پر آءٌ اهڙو پيار نٿو ڪري سگهان. ڇو جو مان ڄاڻان ٿو ته اهڙي پيار مان ڪجهه به حاصل ٿيڻو ناهي. اهڙي پيار جا بنياد جهالت تي اڏيل آهن ۽ اهڙو پيار فقط جاهل ئي ڪري سگهن ٿا ۽ مان جاهل قطعي ناهيان.

⊛

”منهنجي وڏي ۾ وڏي خوشي؟“
”جڏهن تو ۾ مون جهڙو فنڪار جنم وٺي.“

⊛

گل اُنهن تي چاڙهيا آهن، جن ۾ پنهنجي سڳنڌ ناهي هوندي ۽ جيئن ئي آهي گل ڪومائبا آهن، تيئن سندن ناлو به قبر داخل ٿي ويندو آهي.

تنهنڪري او منهنجا محبوب! منهنجي قبر تي گل نه چاڙهجانءِ.

⊛

گھگھہ اونداھي ۾ ڪپڙن ۾ ھجين يا اُگھاڙو ـ فرق نٿو پوي.

⊛

ڪير به جڏھن سچ کي بندوق ڏيکاريندو آھي ته مان کلي ڏيندو آھيان.

⊛

بزرگ! مونکي تنھنجي نصيحت جي ضرورت ناھي مون ککر ۾ ڪڙو چاڙھي واڙھي پوءِ ھنيو آھي.

⊛

ڪوي رنڍيا جي ھنج ۾ ٻالڪ ڏسي پڇيو "ھنجو پيءُ ڪير آھي؟"

رنڍي وراڻيو، "ڪوي! عيسىٰ کي ڪوبہ پيءُ ناھي ھوندو."

ڪوي چيو "مريم اڻين نہ چئو ھنجو پيءُ مان آھيان."

⊛

او جھانگي! ڏور پٽن ۾ ھو اجنبي جو گيت جھونگاري رھيو آھي، جيڪر اُنکي چاڙھي وڃين تہ پنھنجي مھانتا ۾ پڪ ٿي وڃنئي.

⊛

زاھد! مونکي مئڪدي وڃڻ کان نہ روڪ، ھي ٻاٻھڻ جو گھر ڪونھي.

⊛

ھي جا شفق جي ڳاڙھاڻ ڏسين، ٿو سا شفق جي ڳاڙھاڻ نہ پر ڪنھن سندري جا مينڌي رتا ھٿڙا اٿئي. آءٌ انھن ھٿن ۾ خنجر ڏيڻ آيو آھيان.

⊛

پٿائي چيو ھو تہ "مون جا ڪئي چاڙھي آھي، اُنجو ڍڪڻ سچل لاھيندو."

مون اُنھي ڪئي جو پيت ورھايو آھي.

⊛

جهڙن ڪانءِ ڇڪين ٿو :
باغي ڇا لاءِ بيت ٺهين ٿو ؟
هان نه پڇيا ٿو :
سمنڊ ڪانءِ پڇ ڇولون ايرين ؟
چنڊ ڪانءِ پڇ ڇو ٿو چمڪين ؟
بادل ڪانءِ پڇ ڇو ٿو برسين ؟
گل ڪانءِ پڇ ڇو ٿو مهڪين ؟

جي هو فطرت ڪان مجبور،
مان بي فطرت ڪان مجبور
جنهنجي ملڪ جا ماڻرو سانگي،
انهن اڳ ڪارا ڏکيا ڄاڻي،
من جو ڪوني ناهي وانگي،
الجهو نه اوهط اونڌي دانگي .

ٿو جي نه ڇڪين ٿو !
باغي ڇا لاءِ بيت ٺهين ٿو ؟
باغي ڇا لاءِ بيت ٺهين ٿو ؟

- لوڪ سنڌ ڪجه

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڻو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهه پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نـہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)